# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2008
# SINDH ACT NO.III OF 2008
# سنڌ لينڊ روينيو (ترميم) ايڪٽ، 2008
# THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ACT, 2008

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XII ۾ دفعه 6_A جي شموليت

Insertion of Section 6_A in W.P Act No.XII of 1967

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2008
# SINDH ACT NO.III OF 2008
# سنڌ لينڊ روينيو (ترميم) ايڪٽ، 2008
# THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ACT, 2008

[1 سيپٽمبر 2008]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ لينڊ روينيو (ترميم) ايڪٽ، 2008 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1967 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XII ۾ دفعه 6_A جي شموليت
Insertion of Section 6_A in W.P Act No.XII of 1967

2. سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾، دفعه 6 کانپوءِ، هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:

"6_A. ضلعي يا تعلقي کي ٻيهر نانءُ ڏيڻ: جيستائين ڪجهه دفعه 5 ۽ 6 جي گنجائشن جي متضاد نه هجي، جيڪڏهن صوبائي اسيمبلي ڪو ٺهراءُ پاس ڪيو آهي يا پاس ڪري ٿي، جنهن ذريعي ڪنهن ضلعي يا تعلقي جو نالو مٽايو ويندو ته حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي اهڙي ضلعي يا تعلقي جو نالو مٽائي سگهي ٿي، جيئن معاملو

هجي. ”.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**